# کنوار پيءُ

اُنهن ته پاربتيءَ کي به ڪا گهڻي خوشي ڪانه ٿي هئي. پر وري به ٻئيءَ کي چيائين، "الاجي ڇو مونکي ڏيپچند جي ڳالهه تي وشواس نٿو اچي..."

شنڪرداس ڪجهه کجي چيو، "تون به ڪا چري آهين، جيڪا ڳالهه، ڇڏي ماڻهن جي مهڻن تي ڇڏي اٿس، انکان ڪيئن ڦري سگهندو؟"

پوءِ به پاربتيءَ جي من جي هڏ ٻڏ نه لٿي. چيائين، "ڏيپچند، ننڍنيءَ جي ٻانهن گهري، اٿرو ته مان سمجهي ويس، پر ڏيپچند اهڙيءَ وڏيءَ دل وارو هوندو جو ڏيتي ليتيءَ تان خود ئي هٿ ڪڍي ڇڏي ان ڳالهه تي مونکي اعتبار نه ٿو اچي."

"اڙي بابا اڄ جو رستو ته ناهي نه. ننڍپڻ هوندي کان ٻاري آهي اسانجي. سندس جي ساڳئي ڳوٺ ۾ پليا نپنا آهيون. اڄ ڪٿي هو اسان کان مٿيرو آهي، پر ڪڏهن ته اسان کان ٻاڻ ڪجهه هيٺ ئي هو، سڀ وقت جي ٻلهاري آهي."

پاربتيءَ کي پوءِ به دل نه پرايو. چوڻ لڳي، "ڏڏهن ته ديس جو وڏاڳو اچا ڪونه ٿيو هو جو هڪ ٻئي ڏرئي هئي جتي ڏاڍا به پيهنچا هئا. هتي ته

ٻنهجا ۽ ڏاڙهن وانگر آيا هُئا، سو ڪڏهڪي ٿيون پراڻيون ڳالهيون ياد پيون ...“

شنڪرداس ڏاڍيءَ ٺٺول سان چيو، ”بابا مون ته ڪونه چيومانس ته منهنجي ڏيءَ وٽ. سيٺ قيمتراءِ جي ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ وڏا ھٿا سين. ڏيپچند ۽ ڪلھه ئي مال وٺڻ لاءِ جئپور مان آيو ھو. ان مهل منهنجي نندني اوچتو اچي نڪتي. چي: ڪاليج جي بلڊنگ فنڊ لاءِ چندو ڪٺو. ڏيپچند نندنيءَ کي ڏسي واڻڙو ٿي ويو. چيائين، ”ھيڏڙي ڳڏي ڪيئن ھيڏي وڏي ٿي وئي!“ ”ھن ڪٺندي ئي ٥٠٠ رپين جو چيڪ ڪڍي ڪٽي نندنيءَ کي ڏنائين ...“

پارپتيءَ جون اکيون ڦاٽي ويون. چيائين، ”اصل اھڙو شاھوڪار ٿي ويو آھي؟“،

شنڪرداس اُداس ٿي ويو، ”بس قسمت جو کيل آھي. سنڌ جي ٻين جو ڪليم ملي ويس. اسان ته سنڌ ۾ ئي ٻنهجارن ٻيون وڪٽي ڇڏيون ھيون. پر ھندستان ۾ ۽ ٻاڳه ڪونه پرايو. پورٻوليءَ ۾ گھر، ڪمپنيءَ ۾ روزگار، گھاٽي جي ٻيل وانگر ٻٽي چيوٺ ھلي ...“

پارپتيءَ چيو، ”ته ٻلا شادي ڪڏھن ٿا ڪرڻ؟“

”صرف پنڌرھن ڏينھن جي مھلت ڏني اٿن.“

پارپتيءَ ڪڙ ۾ ٿيو، ”ڇوڪرو ڏٺو اٿو؟“

شنڪرداس جو منهن ٻھڪي پيو. چيائين،

"نوڪري لئي ته مان مٺو آهيان. هيرو آهي اصل سنڌو هيرو. نه ته پلا شاهوڪار سان ڪو هٿ اٽڪائڻ اهي ٿيا! جڻ ڏيئين جي ماناري ۾ هٿ وجهڻ آهي. اتفاق سان ڇوڪرو به ڪو نه سيءَ سان گڏ آيو هو. پٽس مونسان سڃاڻپ ڪرائيس ته هڪدم اچي پيري پيو. پڙهيل ڳڙهيل اي. اي. پاس آهي. پٽس وانگر منهن ڪي لڳي ڪاهون ڪندي هلڻجي ڪونه پيو آهي."

پارٽيءَ مصريءَ منڊيءَ جي تياري ڪئي. ڏيپچند شڪ ۾ ورڻ کان انڪار ڪيو. شنڪرداس ۾ سيٺي مهمان جو ڏاڍي وڏيءَ دل سان آدرڀاءُ ڪيو.

نمدلي ته پيروزي ساڙهيءَ ۾ اپسرا ٿي لڳي، ٿهولينٽي گهر جا بار ته ڪيس چمبڙي ويا، خوب پٽي ۽ ارطيون بوليون ڪيائون، "بهار اچ ٿي ڪنوار ڪي ٿهر ونئي هلو." نمدليءَ جي پيار ڀرئي وهنوار سيٺي کي موهي رکيو. واپو منديل ۾ خوشي ٿي خوشي ڇانيل هئي.

مڱڻي کان پوءِ وهاڻ جو ڏينهن به جلد ئي اچي پهتو. ڏيپچند جو ڏيٺور مان سڀو گهر جو هلت وٺي اچي اوپاوليءَ ۾ پهتو. مٽ مائٽ، يار دوستار، چالل سچالل پيا به ڪيئي ماڻهو اچي سهڙيا. نمدليءَ جو پياءُ پڻ مهمان جو آدرستڪار ڪرڻ ۾ ڪٿو نٿي پيو. اڻين ته عمر ۾ نمدليءَ کان فقط ٻه سال وڏو هو پر قد سنو ڪيو هئائين. شاديءَ ٿي آيل ڪيترن

ڇوڪرن جون مائُر ۽ ڀيڻس پنهنجو ناتي تصور ڪري خوش ٿي پيون. ڪن ته پاربتيءَ کان ڪن ۽ پڇيو، ڇو: لوڪي جو نندڻيءَ کي ڏيتي ليتي کان ڏيڻي پوندي آهي ۽ پٽ جي ڏيتي ليتي ۽ کان وٺندڙنءَ.

"نندڻيءَ جهڙي سگهڙ ڪنوار ملندم، ته برابر ڏيتي ليتي اصل ڪان وٺندس."

پاربتيءَ جي هن جواب گهڻن جي دلين ۾ اميدون جاڳائي ڇڏيون. باقي ٻين ۽ دوستن سان گڏجي جو ناچ ٽاپ ڪيا ۽ محفل جو مور ٺهي پيو.

هيڏانهن ڏيوچند کي پڙڪاڻ وارن جي قطار لڳي ويئي هئي. ڪنهن ماتمياڻيءَ چيس، "ڏيوا! ڇوڪري ڪا حور پري ته ڪانه ورائي آهي، پوءِ به ڏيتي ليتيءَ تان هٿ ڪٽي ڇڏيئي!" ڪنهن دوست طعنو هنيس، "پائي ڏيوچند، تو ته دوستن درن جي ڪارن موٽرن جو قافلو ڪٽي ڪيو آهي، ڪنوارين جو ته ڪو ٽانگو رڪشا به ڪونه ٿو نظر اچي!"

ڏيوچند چيو، "اسين ڪجهه به ويا ڇڏيون پر شڪر آ جو ٺاٺيائي وارو ماڻهو آهي، نڪ ڪٽي مر ڪونه لائيندو."

دوستن چيو، "تون پائي وڏو دوست جو پاسو ڪرين، ۽ اسان جي اکيان اڇا ڪارا پڌرا ٿي چڪا. هيڏي وڏي ماڻهوءَ سان سڱ جوڙي ڪا وسڪي پسڪي

ا نوابي هان، کين اس! سچ ڏني سچي ڀانئن ته
-- ٿي ڀانئن ٿي ڳجهي ويو. واهه پاڻي ڏنو سين تنهنجو
يار شنڪرداس!"

هن ڳالهين سبب ڏيوچند جو من الڏڻ لڳو.
هارايل جواريءَ وانگر ٿي لڳو هاڻي هو. ننڊنيءَ کي
ڀانيو ن دنعو ڏسڻ مهل جا چمڪ سندس اکين ۾ آئي
هئي سا جهڪي ٿي وئي مگر پٽس جو چاهه تمام
وڌندو ٿي ويو. مٺين ٺهرائڻ مهل ۽ ٻيٺ خاص الساهه
ڏيکاريو، ته ڏيوچند کجي چيس، "ملندي کاري
ڏي ۽ کاڻ ۽ تون صاحبزادا وچين تو خرچ وڌائيندو"

ڍڍهيل ٻيٺ ليڙ هنيو، "جڏهن ڇوکر کي قدرت
سوانهن جا مٺيا پاڻي چڙيا آهن تنهن لاءِ ته واقعي
هن مٺين جو کوئه ضرور کرنهي؛ ٻاي کجهه ۽
نه ٺهرايو."

ڏيوچند کنجي ويو ۽ ڪلي چيائين، "اهڙي
ناهوڪي تنهن ڳولهي ۽ ته مون ٿي آهي ته ...!"

مٺين جي چونڊ سچي، ڏيوچند جي زال کي
سپرائي ويئي.

شادي هال ۾ شنڪرداس ۽ سندس ٻيٽ ٻين جاچ
جي آءِ پاءِ ڪرڻ ۾ وسان کين گهٽايو. پر گهوٽيتن
جي کمد خلق کي راضي ڪرڻ ٻون ۽ شنڪرداس
جي وس کان ٻاهر ٿي لڳو.

گھوٽيڻ جي رهائش جو پربنڌ، هڪ چڱن پڪن ڪمرن واريءَ جاءِ ۾ ڪيو ويو هو. صابڻ، ٽوال، ڪڻڪ، اناج، هر ڪا شيءِ ميسر ڪيل هئي. مگر ڏيپچند وارن جو ويچار هو ته ڪا هوٽل ڀاڙي تي ڪري رکڻ کپندي هئي شنڪرداس کي.

ونديءَ کانپوءِ موڪلائيءَ وقت پاروتيءَ ڌيءَ کي هڪ سوني ڪنٺي ڏني، ناني صاحب ۽ گھوٽ پيءُ ۽ گھوٽ، ماءُ کي به هڪ ڪنٺي ڏيندي چيائين، "هيءَ اٿو مهنجو اسيءَ - پتر. هيءَ ڏيتي ليتي نه آهي، هيءَ فقط خرچي آهي. موٽائجو اصل ڪين."

جڏهن وهانءَ جو ڪارج پورو ٿيو، تڏهن شنڪرداس هڪ ٿڌو ساهه کڻي چيو، "بس باقي ستاوارو سڪ سان پورو ٿئي ته سمجهو برابر گنگا - سنان ڪيوسين."

پون ڪان رهيو نه ٿيو چيائين، "دادا، توهين ڇا به چئو، ڏيپچند وارا ڏاڍا لالچي ماڻهو اٿؤ."

پاروتيءَ چيو، "پٽ! ماڻهو نه سڀدس ساراهڻ جا يڪ ٿا ٿين. ڏسجي ويهي ته هنن وڏن ماڻهن کي ڇوڪري ملڻ ڪا مشڪل ڳالهه نه ڪانه هئي. مٿان لک ڪن جي ڏيتي ليتي به ملين ها. سچ ته اسان کان ڌيءَ وٺي اسان تي احسان ڪيو اٿن."

پون چيو، مون کي ته ڪجهه به، ويٺي چڱن هي ماڻهو ننڍائيءَ کي سڪي ڪونه رکندا.

ڏکويل آواز سان شنڪرداس چيو ”بس بابا جيڪو
ڀاڳن ۾ هو پاڳي. ڇوڪريءَ جي شڪل سوڀيا ڏسي
ٻالڪ ڏسي پاڻهين گهٻرائين منهنجو ته ان ۾ ڪو به ڏوهه
ناهي. پر هاڻي پرڻو مونکي به ٻوٽ لڳا آهن.“

پاروتيءَ رڙ ڪري چيو ”آخر توهان کي ٿيو ڇاهي؟
توهان ته وڏيون ڳالهيون ٿا ڪيو، ڇي: هيري جو
ماڻهو پرکيو آهي جواهريءَ ... پوءِ هاڻي ڇو وڃنا دل
ننڍي ڪريو. ڏسو ته مان ڪيئن من پڪو ڪري ويٺي
آهيان. ننڍڙيءَ ڪانسواءِ ته مونکي گهر کائڻ پيو اچي.“
روئندي ڇوندي پاروتيءَ جون اکيون ڀرجي آيون.

شنڪرداس دور ڪٿي نهاريندي چيو، ”لڳي
ٿو قسمت جي مختلف پن ٻڇاڙين وانگر اڳيان وڌي
وڌي ٽڪر کائي اسانجون زندگيون جدا ٿي ويئون
آهن. لمڪا کٽي ٿو همت سان پيارين ڏيئيند کي
چوي ٿو: واهه يار پيارين به اها لمڪا ٿو، قدر به
اسانجو اهو ڪيو آٿي؟ منهنجي جڳهه تي پيو ڪير
هجي ها ته همت جوڙي جيڪر واپس هليو وڃان ها.“

”ٻڌو هن کي شراب ڪهڙو هـو؟“ وڏيون
وڏيون اکيون ڦاڙي پاروتيءَ سوال ڪيو ”ڇو ڏيئيند
کي اسانجي حيثيت جي خبر ڪانهي ڇا ...؟“

پوءِ چيو ” هن وقت پاڻيءَ بدران شايد شراب
پيئندا هوندا.“

پاربتيءَ چيو، "مگر اسين ته ٻنهي جي حيثيت ساري ئي هلندا سين ته . ٻنهي هوندي به حال سينگارڻ لئي، آئيسڪريم لئي، فوٽن لئي ڪو گهٽ خرچ نه ڪونه ڪيو اٿئون. ڏسجي ويهي ته سندن شان رکڻ لاءِ پاڻ ٻنهي جي سوڙ کان وڌيڪ پير ڪي ڊگهيرايون اٿئون."

شنڪرداس آڱرين تي ڪجهه حساب ڪتاب ڪري چيو، "پاربتي انهيءَ کي چوندا آهن ته ڪتو به ڪاڻو ڪک به نه پري. ناليءَ ۾ ته ٻيا ڏيتيءَ ليتيءَ ڏيءَ پرٽائي اٿئون، پر خرچ ايڏو اچي ويو آهي جيڏو غريب گهر ۾ ڏيتي ليتيءَ ڏيڻ سان مس اچي ها. هاڻي سياڻي ستاواڙي لئي به جي ڏيپچند ٻنهي جا سينيون ۽ گماشتا ڪٺي اچي پهتو ته هوٽل جي بل ۾ ئي مري ويندا سين..."

پاربتيءَ چيو، "ڇو ائين ٿيندو؟ اسين صبح جو ئي ڇوائي موڪليندا سين ته توهان پنجوئي ماڻهو وٺي اچجو."

شنڪرداس کي رت وڻي. اهو نيايو پهچائڻ جو ڪم پڻ لئي رکيو ويو ۽ پڻ جڏهن ڏيپچند کي اچي نيايو ڏنو ته ڏيپچند اصل پڙي ويو. چيائين، "اڙي او منهنجا سهڻا گهرو سيٺوت! پيءُ کي وڃي چئجو ته مون تمام وڏي دل ڏيکاري آهي. هاڻي ٻنهجو وارو آهي. ستاواڙي لئي مونسان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ ماڻهو ايندا ۽ چڱيءَ سٺيءَ هوٽل ۾ بندوبست رکجو.

ٻهڙي مڱڻيءَ مهل حالت ڪيئن اهڙي نه ڪجو."

ٻين واتان اهي لفظ ٻڌي شمڪرداس جا ته ٽپ ٿي
ي ويا. هڪ سؤ ماڻهو ڏيوچند جا اهڙا ويهه کن
ڀينجا ڪدوارپنا به ڪو ٿيا. خرچ جو حساب ڪن هزارن
وڃي لڳو. آخر گهڻي ڳڻ ڳوت ڪري وري ٻين
رواتو ڪيائين ته پلا ٻنجاهه ماڻهو سڻاوڙي تي آڻڻ
مڃائي اچ ڏيوچند کي.

هن پيري ٻين ننڍي ماميءَ کي به ٻاڻ سان
ميو. ڏاڍي ٺمرتا سان اچي ڏيوچند کي چيائين ته
"دادا جن چون ٿا ته هن پيري ڪٽي ٻنجاهه کن ماڻهن
ي گهرايو سڻاوڙي لي. باقي دوستن درن کي ڪٽي
ي ڪڏهن موقعي تي گهرائجو."

ڏيوچند خارن مان چيو، "سڻاوڙو، سڻاوڙي تي
ئيندو ۽ ٻئي ڪڏهن موقعي تي ڪيئن ٿيندو؟ هيءَ ته
وهان جي زوراوري آهي."

ٻين چيو، "جيڪو ٿيابو سو نڪي ملبو سو ڏنو."

ڏيوچند جوءِ کي سڏ ڪري چيو، "هي ٻڌ، هن
ٿيابي واري جو ٿيابو."

زال ذرا ڏيوچ سان ٺر وڏيڪ چيندڙ آواز ۾ چيو،
"ٻڌ، توهان کي شايد خبر ڪانهي ته اسان کي
ڇيتر و نقصان ٿيو آهي. مٿان ماڻهن کي وهانءَ ڏيڻ،
ٺڙن ورهائڻ، هزارن ۾ خرچ اچي وڃو آهي..."

ٻين ڏاڍي ايوجهائيءَ سان چيو، "اٿين ته مڃهڃي

شاديءَ ۾ ته اسانکي پنهنجي مٽن مائٽن کي ضرور
گهران ٿي ڪجهه ڏيڻو پوندو."

ڏيپچند آهي کان ٻاهر نڪري ويو، "تون سمجهين
ٿو، تنهنجو ٻيءَ قرباني ڪندو؟ تنهنجي ساهرن کان
ڏيتي ليتي ڪين وٺندو؟ اڙي وڃ، وڃ ڪنواريتا!
ڏيتي ليتي نه وٺڻ جي آدرش پالڻ لاءِ هيڏيءَ وڏيءَ
دل جي درڪار آهي. مون ڪلاڪيءَ مهل هٽي ڇڏي
گهڻين ۾ پتائي ڇڏيائين. نه گهوٽ جون پيءُ ياد آهس
۽ نه پيڻو پيا."

پڻ ڳاڙهو ٿي ويو. ڪيس ياد اچي ويو ته انهن
ڇڏي گهڻين ٿي ته گهر ۾ ڪيڏو نه مانڊاڻ متو هو ۽ پوءِ
ته اهي هن پائيءَ ڪي آخر ۾ ڪين هيون. پاڻ ٿي
ظاهرو رکڻ لاءِ چيائين، "امي، مونکي هڪڙو پاڻيءَ
گلاس ڏيندا؟"

پاڻي پيئندي ڪنهن جوانڙيءَ جي پٽڪ ڪن ٿي
پيس: "ڪنوار جي پاءُ جي شڪل ته ڏسو، شايد
بلڊ پريشر چڙهي ويو اٿس گهڻين جو پڌي ..."

پاڻي پي پڻ چيو، "ان کان بهتر هو ته توهين
پول چول ڪري ڏيتي ليتي وٺو ها." مامي ماميءَ
اچي پڻ کي ٻانهن کان وٺي اٿاريو. ڏيپچند پڙڪي
چيو، "ڏاڍا بي شڪر نڪتا. ٿلگ جيڏي ڇوڪري
ڪيڏي ٻڪ ڪٽي آهي مٺهنجي مدهن ٿي! ساڳيو
مٺهنجو پت ته وٺو آهي نه ساهرن، مجال جي

منهنجي منهن لاءِ هڪ حرف به ڪڍي سگهي. هن ڪلهه جي ڇوڪري ڪيڏي چپ ڪيئي آهي! مان نه هاڻي سمجهان ٿو ته پيڙهين ۽ اهڙي واسطي - وڪيل هوندي."

مامي ماميءَ پٽن جي واسطي ئي ڪُٽي هٿ رکيو. پوءِ پنهنجي هٿ جوڙي چيو، "چڱو دادا، تو هاڻي جيترا به ماڻهو وٺي اچڻا هجن اوترا پاڻ وٺي اچجو."

نندني ڪنڌ هيٺ ڪيو، پنهنجي سس جي پاسي ۾ ويٺي هٽي. ڏيپچند گرجندي حڪم ڪيو، "ستاواڙي جي ماءُ ئي اسان مان ڪوئي ڪو نه ويندو. نندني اسڻ هيٺ توهان سان ڪانه هلندي شام جو گهوٽ سان گڏ اچي ڦيرو پائي ويندي."

ماميءَ نت پٽن سان هٿي چڙيا پر ڏيپچند نه مڙيو. پوءِ ور ور ڪري معافي گهري، پر ڦيرو نه ٿيو.

مامو مامي پوءِ سوڙا نندنيءَ کي وٺي اچڻ پيا موٽي آيا. پاربتيءَ جڏهن سچو وارتالاپ ٻڌو ته هڪي ٻڪي ٿي وئي. شنڪرداس چيو، "ڏيتي ليتي ته وٺڻ جو مطلب اهو آهي ڇا ته ڪنوارين کان پيٽو حساب چڪائجي..."

پاربتيءَ چيو، "مون ته اصل چيو مانءِ ته ماڻي هميشه پاڻ جهڙن ۾ ڪجي."

شنڪرداس جي ماڻن مان هڪڙي ٻڌي چيو،

"اما هي سڀ ٻوءِ ياون ماڻهن جا ڪم آهن. جن وٽ ڌرم مريادا جو ليکو ئي ڪونهي."

ڪنهن چيو، "ساهرن، ڇوڪري ابا ڏيٺيءَ ليٽيءَ ورتي، نه پاڻ ۾ نه ڪو اهڙا هيرا مٽيا ڪين پاڻا اٿن ڇوڪريءَ کي."

اوچتو راڌانوءَ اچي ڦٽاڪو ڇوڙيو ته، ڏيپچند وارا مهمان سودا لشڪر ئي منجهند واريءَ ٽرين ۾ روانا ٿيڻ وارا آهن. ڏيپچند چيو آهي: "ٽي ڏينهن جيڪو رڌو پڪو هتي ٿيو آهي، چاهي رومن؟ هندن ماسٽن جي مسواڙ ئي آهي، سويل ئي وٺي ڪنوار ٻيءَ کان وڃو."

شنڪرداس رڙ ڪري چيو ته، "ڇا چيائين؟"

راڌانوءَ چيو، "سائين ڏيپچند چيو ٿو: مون تمام گهڻي ڪسر ڏني آئمان. ڏيٺي ليٽيءَ ۾ ڪاري ڪڪڙي ڪانه ورتي اٿم، جي هي ٽي ڏينهن منهنجي مهمانن کي کارائڻ جو خرچ پرينڊا ته ڪر ڪنوار ٻيءَ جي مٿان آپ ڪونه ڪري ٻوندو."

ٻين نئل آواز ۾ چيو، "ٻانڌي هيءَ نه ظلم ڇڏيو."

شنڪرداس ڪڙهندي چيو، "اون نه مات ڪر، سڄو قصو ئي بگاڙي آيو آهين."

"ٻانڌي مون؟ ٻانڌي مون؟؟" ٻين ايترو چئي ويهل وڻ وانگر ڌرام ڪري هيٺ ڪري پيو. ڇوڪرد لڙلو مڇي ويو. هڪ پاڙيءَ ڪيس هٿ لائي چيو،

"آئي هيءَ نه وڃي مالڪ سان ملبو، جوان رهڻ کي ايڏو ڪو ڇٽبو آهي ڇا!"

پاربتي ٻئي هٿ ڪٽي ڇاتي پٽڻ لڳي. شنڪرداس پاڳلن جيان مٿو پٽڻ لڳو، "اڙي مان نه ڦرجي ويس، هتيارن منهنجو پٽ ئي ماري وڌو."

واڌائن هي اَشڀ سماچار ڏيپچند کي اچي ٻڌايو. ڏيپچند پٽن جي موت جو ٻڌي يڪدم ٻل ڪيئي ڏنو واڌائن کي. مهمانن ۽ گهوٽ، ڪنوار کي اسٽيشن ڏي روانو ڪري ڇڏيو هئائين ۽ پاڻ به وڃي ٽرين تي پهتو.

ڏيپچند پنهنجي پٽ ۽ نُنهن کي خبر به ڪانه ڏني ته پٽن کو هن سنسار مان لڏي ويو. شنڪرداس ۽ پاربتي، پٽ جو مرڻ سرپر رکيو، ڪيڏي دير تائين نُنهنءَ جو انتظار ڪندا رهيا. جڏهن ماڻهن اچي ڳالهه ڪئي ته گهوٽيتا نُنهنءَ کي وٺي ڪڏهوڪو روانا ٿي ويا هئا، تڏهن ته شنڪرداس جا ڇيهه ٿي ڇڏي ويا، "اڙي ڏيپچند، گهوٽ پيءُ ٽيڻ جي ايڏي ٺڳي! اڙي ايڏو ئي مروت ٽئين جو پيڻ کي جوان پاڻ جو ملڪ نه ڏسڻ ڪونه سنگهي، پر آخران درشن ڪرڻ به نه ڏنئس" ڇالي ٻئي چوڻ لڳو، "پاربتي، مان نه هاڻي سڄي عمر گهوٽ پيءُ ڪونه ٿي سگهندس، پر ڌيءَ جي مُنهن ڏسڻ کان به سڪيس ... اڙي ماري وڌءِ مونکي ڏيپچند! ڪيڏي سزا ڏني اٿئي مونکي ڪنوار پيءُ ٽيڻ جي!"

(١٩٨٥)